يا باه ۾ سڙي رهيا آهن.]

نظم

ز آه و ناله عشاق در ادیم زمین
به هر طرف که نظر کردم آتش افتاده است
ز سوزِ گریه دل خستگان عالم بین
که بر و بحر همه خون و آتش افتاده است
بس که آتش عشقش بسوخته عشاق
جهان و اهل جهان معدن آتش افتاده است
ز آه آتش باري دلم به هر جانب اگر
همین نگري گلخن آتش افتاده است
ز نار نور دلم محبت و دلم بصد صحبت
خلیل است و گلشن آتش افتاده است
بمن دولت آتش محبت محبوب
هزار جان و دل ممکن آتش افتاده است.

[عاشقن جي آهُن ۽ دانهن جي ڪري زمين جو مٽاچرو سڙي چڪو آهي. جيڏانهن به نهاريان ٿو باه ئي باه نظر اچي ٿي. هن دنيا جي عاشقن جي دل جي گريه زاري ۽ سوز جي ڪري ڏس ته بريٽ هجي يا سمنڊ، سڀ رتو رت آهن يا باه ۾ سڙي رهيا آهن. سندس عشق جي انتها جي ڪري عاشق سڙي پچي رهيا آهن. پوءِ جهان هجي يا جهان وارا سڀ باه جو پيڙ ٿي چڪا آهن. منهنجي دل ۾ الله تعالي جي محبت جي جيڪا باه آهي، ان جي آه زاري جي ڪري جيڏانهن به نهاريندين، مٿي ۽ واري جا ڏڙا به توکي باغ نظر ايندا. منهنجي دل ۾ نور جي روشني جي ڪري محبت آهي ۽ منهنجي دل کي دوست جون سوين صحبتون حاصل آهن. جنهن جي ڪري باه به باغ ٿي وئي آهي. مون کي محبوب جي محبت جي دولت حاصل آهي، جيڪڏهن هڪ نه پر هزارين دليون ۽ جانيون هجن، اهي به باه ۾ ساڙي نثار ڪريان ها.]

يا وري عشق هڪ علم آهي، جنهن جي هڪ آيت نازل ٿي ته

www.maktabah.org

اولين ۽ آخرين جا سمورا علم، ان ۾ گم ٿي ويا. انهيءَ علم کي کو به شخص سمجهي ۽ ڄاڻي نه سگهندو آهي. سواءِ ان شخص جي جنهن تي الله تعالي جو اڻ کٽ فضل ۽ ياجهه هجي. کنهن چيو آهي ته:

كَمَا رَفَعْتُ لَهُمْ عِلْمًا لَمْ يَخْطُرْ عَلَىٰ قُلُوبِ النَّاسِ

[مون انهن کي علم جي ايڏي بلندي عطا ڪئي آهي، جو انسانن جي دلين ۾ انهن جو خيال به اچي نٿو سگهي.]

يعني مون پنهنجن محبن کي ايڏي بلندي ۽ عظمت ڏني آهي، جنهن جو کو به اندازو ڪري نٿو ڪري سگهي، يا انهن جي دلين ۾ ايترو علم سمائي چڏيو آهي، جنهن جي وسعت جو حال نه کنهن داناءَ کي معلوم ٿي سگهي ٿو نه ئي کنهن عالم کي ان جو اندازو ٿي سگهي ٿو. مولانا رومي رح چوي ٿو ته:

بيت

بو العجب[1] صورتيست روضه عشق
چار مصحف ازو يک آيه نيست
عشق را بوحنيفه درس نگفت
شافعي را درو درايت نيست
حنبل از سر عشق بيخبر است
مالک را درو روايت نيست
لايجوز و يجوز باهم مرکب است
عشق عشاق را نهايت نيست

[اي ابوالعجب! سندس صورت ئي عشق جو روضو آهي، چئني فقيهن جي ڪتابن ۾ عشق بابت هڪ به نشاني نه آهي. عشق بابت امام ابوحنيفه درس نه ڏنو. امام شافعي کان به ان جي باري ۾ ڪا درايت يعني عقلي دليل ثابت نه آهي. امام احمد بن حنبل به عشق جي راز کان بيخبر هو. ان جي باري ۾ امام مالک کان به ڪا روايت نه آهي. لا يجوز ۽ يجوز

---

[1] ڏسو ڪليات شمس تبريزي: ص ۱۸۹ تحقيق استاد فروز انفر- تهران:۱۲۸۱.

www.maktabah.org

ٻئي پاڻ ۾ مرڪب آهن. عاشقن جي عشق جي ڪا انتها ئي نہ آهي.]

يا وري عشق حق ۽ حقيقت لاءِ دليل ۽ حجت آهي، جيئن هيٺين شعرن ۾ چيو ويو آهي.

مثنوي

هركه عاشق گشت او برهان بود
قول و فعلش نعره مستان بود
عشق بازي و نظر بازي تمام
بر دل برده آن كس شد حرام
نكو نظر خود جانب ديگر كند
عشق در صورت بلا و آفت است
ليک در معني هزاران نعمت است
شيوه عشاق جان بازي بود
گرچه جان بازي است دل سازي بود
عشق اگر نكني تقاضا مي كند
بنده خود وا اگر حق خواسته
جان و دل اورا بعشق آراسته
و آن كه حق اورا بعشق آراسته
در دل او عشق حق انداخته
هر كرا دل زنده گشته از عشق يار
تا به ابد هرگز نميرد زنهار!

[عاشق، دليل ۽ برهان هوندو آهي، سندس قول ۽ سندس فعل مستانہ نعرو هوندو آهي. عشق بازي ۽ نظر بازي (جي لذت) جنهن دل کي حاصل ٿيندي، اهو شخص حرام (فنا) ٿي ويندو آهي. ماٺهو پاڻ کي سڀ سمجهي يا ڪنهن ٻي شيءِ کي سڀ سمجهي، اها ڳالهہ خيال،خواب ۽ دوکي کان سواءِ ڪجهہ نہ آهي. بظاهر عشق آفت ۽ مصيبت آهي، پر درحقيقت هزارين نعمتن کان چڱو آهي. عاشقن جو طريقو جانبازي، يعني جان تان هٿ کڻڻ آهي، جيتوڻيڪ جانبازي جو کي جو ڪم آهي، پر اهو

www.maktabah.org

ئي دلسازيءَ جو ڪم آهي، جيڪڏهن تون عشق نہ ڪندين تہ تنهنجي دل، ان جي تقاضا ڪندي، اها تقاضا توکي پاڻ کي ئي خوش ڪندي. جيڪڏهن حق تعاليٰ پنهنجي ٻانهي کي گهري تہ ان جي دل ۾ جان کي عشق سان سنواري ڇڏي. جنهن شخص کي حق تعاليٰ، حق پرستي سيکارندو آهي. ان جي دل کي عشق سان سنواري، سينگاري ڇڏيندو آهي. جنهن شخص جي دل عشق سان زنده هوندي آهي تہ پوءِ ياد رک تہ اهو شخص هميشه لاءِ ڪڏهن بہ نہ مرندو آهي.]

يا وري عاشق اهو مست شرابي آهي، جنهن کي وحدت جي ميخاني مان، عاشقن وٽ آڻيندا آهن ۽ مستي ۾ مست ٿيندا آهن.

شعر

آن را که به مئ وحدت مستش کردند
از غير گذشته خود پرستش کردند
از آمد و شد کوئ ديگرماي به پست
آن کس که دلارام بدستش کرند
اين عشق مرا بنگر امروزي نيست
کان بيشتر از روز الستش کردند
بذکر جميل خويش چستش کردند

[جنهن کي وحدت جو شراب پياري مست ڪندا آهن، ان کي غير الله کان ٻاهر ڪڍي، پاڻ ان جي پوڄا ڪندا آهن. ان شخص لاءِ غير جي گهٽي ۾ اڇ وڇ جي ڪا قدر قميت نہ هوندي آهي، جنهن تي ان جو دلبر پنهنجو هٿ رکندو آهي. ڏس! مون کي هيءُ جيڪو عشق آهي، سو اڇوڪو نہ آهي. اهو الست بربکم جي ڏينهن اکان بہ اڳ جو آهي. جيڪو فقير غير جي ياد ۾ سخت ۽ سست هوندو آهي، ان کي اهل الله، حق تعاليٰ جي سهٽي يادگيري سان چست ڪري ڇڏيندو آهي.]

يا وري عشق هڪ وڏو درياءَ آهي ۽ جنهن کي اها ارادتمندي ۽ عقيدتمندي نصيب ٿيندي آهي، اهو سر جو سانگو لاهي، جان هٿ تي رکي انهيءَ درياءَ ۾ ٽپو ڏيندو آهي ۽ مصيبتن ۽ تڪليفن جي ڪُنَ (گرداب) ۾ ٽهيون هٽندو آهي تہ مَنَ مون کي گوهر مقصود نصيب ٿئي.

www.maktabah.org

مثنوي

جهت دريائ اعظم عشق دوست
گوهر يكتا برد نيكو دروست
هر كه اين دريائ عشقش را نورد
بيشک او دُر يگانه را ببرد

[دوست جو عشق هڪ وسيع سمنڊ آهي، جيڪو ان ۾ ٽٻيون هٽندو ان کي بي مثل جوهر هٿ ايندو. جيڪو به عشق جي انهيءَ سمنڊ کي طي ڪندو بيشڪ اهو بي بها موتي ماڻيندو.]

يا عشق، حضرت نوح عليه السلام جي ٻيڙي وانگر آهي، جيئن چيو ويو آهي تہ

اَلْعِشْقُ كَسَفِيْنَةِ النُّوْحِ مَنْ رَكِبَهَا نَجَا وَمَنْ خَلَفَ عَنْهَا هَلَكَ

[عشق نوح عليه السلام جي ٻيڙي وانگر آهي، جيڪو ان ۾ چڙهندو سو نجات لهندو ۽ جيڪو اُن ۾ سوار ٿيڻ کان پوئتي رهندو هلاڪ ٿي ويندو.]

يا عشق سفر ڪندڙ ساٿي، مسافريءَ لاءِ سواري، سفر جو سامان، سفر جو گس ڏسيندڙ (رهبر) ۽ هٿ کان وٺي هلندڙ دوست آهي، جيڪو مسافر کي سندس منزل مقصود تائين پهچائيندو آهي.

بيت

عشق را اي دوست كشتي نوح دان
هم پناه و هم امان و روح دان
مي رساند مرد را در كوئ يار
راهبر اين راه گشته آشكار

[عشق کي اي دوست! نوح عليه السلام جي ٻيڙي ڄاڻ. پناه ۽ امان ڏيندڙ ۽ روح ڄاڻ، مرد کي يار جي گهٽي ۾ پهچائيندو آهي. انهيءَ وات جي رهبر کي آشکار ۽ ظاهر ڪندو آهي.]

يا عشق سمورن هنرن کان وڏو هنر آهي. بلڪ الله تعالي جي عشق کان سواءِ جيڪي به هنر آهن، اهي اجايا ۽ بيڪار آهن. جيئن شيخ سعدي رح فرمائي ٿو تہ:

www.maktabah.org

سعدي هنري كه ترا آن سر هنري است
جز عشق خدا، هر هنري بي هنري است.

[اي سعدي! جيڪو بہ بهترين هنر تنهنجي هٿ ۾ آهي، الله جي عشق کان سواءِ هر هنر بيڪار آهي.]

يا عشق، اهڙي شيءِ آهي، جيڪا عاشق کي پاڻ کان بيگانو ڪري ڇڏيندي آهي. ۽نهي جهانن کان پاڪ ۽ بيباڪ ڪري ڇڏيندي آهي ۽ ڪيس هر هنڌ خوار ۽ خراب ڪندي رهندي آهي.

بيت

از خود بيگانه و ديوانه عالم خراب هر دو جا گردد
هر آنچه مي خورد ضرب طباچه عشق دلبر خود

[پاڻ کان بيگانو دنيا جو ديوانو هر هنڌ خوار خراب ٿيندو رهندو آهي، هر اهو شخص جيڪو دلبر جي عشق جو شراب پيئندو آهي. سو پنهنجي دلبر جون چمانون کائيندو آهي.]

يا وري عشق جذبه الهي آهي، جنهن کي بہ ان جي ڇڪ ٿيندي آهي، اهو حق سان وڃي ملندو آهي ۽ جنهن کي الله تعالي پنهنجي عشق جي جذبي سان پاڻ ڏانهن ڇڪيندو آهي، ان جي شخصيت جي تعمير ڪندو آهي ۽ جنهن جي شخصيت جي تعمير الله پاڪ ڪري. ان کي غير الله کان سواءِ کا بہ شيءِ نظر نہ ايندي آهي ۽ اهو لَا اَنَا وَلَا غَيْرِيْ جي مقام ۽ مرتبي تي پهچندو آهي. يعني اهو چوندو آهي تہ نہ آءٌ آهيان ۽ نہ منهنجو غير آهي. فقط الله ئي الله آهي. ان تي محويت جي ڪيفيت طاري رهندي آهي ۽ اهو چوندو آهي تہ: لَاهُوَاِلَّاهُوَ يعني جيڪي ڪجهہ نظر اچي ٿو سو الله کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ آهي. پاڻ کي بہ ۽ پوري ڪائنات جي هر شيءِ کي بہ ان جي خالق ۾ گم سمجهندو آهي ۽ اهڙي طرح عين حق ٿي ويندو آهي. يعني پنهنجي ذات کان محو ٿي ويندو آهي.

بيت

عشق جذبه مطلق است از كوئ حق
مي كشد عشاق را در سوئ حق
عشق ورز وعشق ورز اي مرد راه

www.maktabah.org

تا شوي زود تر واصل الله
عشق دلبر هركرا محبوب ساخت
جان و دل اورا نگر پر نور ساخت
آنكه جذبه عشق اورا در ربود
محو گرداند مر اورا در وجود
نيستي و هستي يكسان بود
كفر و ايمان نزد او كفران بود
آنكه اورا جذبه عشقش ربود
مي نمايد پيش او بود او نمود
هستي سبحان مر اورا جذب كرد
دين كفر و اسلام وي را سلب كرد

[عشق حق تعاليٰ جي طرفان اهڙو جذبو آهي، جيڪو عاشقن کي حق ڏانهن چڪيندو آهي. عشق ڪ ۽ راه حق جي عاشقن مان ٿيءُ تہ جيئن تون جلد الله تعاليٰ سان واصل ٿئين. دلبر جو عشق، جنهن کي بہ پنهنجو محبوب رکندو آهي ڏس! ان جي دل ۽ جان کي منور ڪري چڏيندو آهي. جنهن جي اندر عشق جو جذبو پيدا ٿيندو آهي. ان جي وجود کي محو ۽ فنا ڪري چڏيندو آهي. اهڙي شخص لاءِ نيستي ۽ هستي هڪ ئي شيءِ هوندي آهي. ان وٹ ڪفر ۽ ايمان، نعمت جي ناشڪري هوندي آهي. جنهن تي ڪو بہ عشق جو جذبو طاري هوندو آهي، ان جي اڳيان جيڪي ڪجهہ هوندو آهي، سو ان کي ڏيکاريندو آهي. الله پاڪ جي هستي ان کي پاڻ ڏانهن چڪيندي آهي ۽ ان جي ڪفر ۽ اسلام کي ختم ڪري چڏيندي آهي.]

يا عشق يكرنگي ۽ هڪجهڙائي جي اهڙي دولت آهي، جو (محب کي) هر شيءِ ۾ محبوب ئي محبوب نظر ايندو آهي ۽ باقي سمورو جهان ان جي اڳيان هيچ هوندو آهي.

بيت

عشق يكرنگي و يكجهتي تقاضا مي كند
هر كه عاشق مي شود او اين تماشا كند

[عشق جي تقاضا، هڪ رنگي ۽ هڪ جهتي آهي، جيڪو بہ

www.maktabah.org

عاشق هوندو آهي، سو اهو ئي تماشمو ڪندو آهي.]

يا عشق، رباني جنون آهي، جنهن شخص جو جيتري قدر رب سان عشق هوندو، اوتري قدر مٿس انهيءَ جنون جو غلبو هوندو.

شعر

جنون عشق خدا، هر كرا ميسر شد
رسيد او بحقيقت، خدا بدان مقدار

[خدا تعاليٰ جي عشق جو جنون، جنهن كي جيترو نصيب هوندو، انهيءَ مقدار مطابق اهو خدا تعاليٰ جي حقيقت تي پهچندو.]

فرمايو ويو آهي تہ خدا تعاليٰ جي حضوريءَ عشق جي موجود هئڻ جو دارومدار هن ڳالهہ تي آهي تہ عاشق، پاڻ كان وڌ ۾ وڌ غائب ۽ بيحال رهي.

بيت

حضور بنده كه باحق بمقدار عشق بود
اگر حضور بجوئ بعد ز عشق خدا

[الله تعاليٰ جي حضوريءَ محبت جو دارومدار تنهنجي عشق تي آهي. جڏهن تون غير الله جي محبت ڳولينديں تہ خدا تعاليٰ جي دوري كان سواءِ ڪجهہ نہ لهنديں.]

يا عشق اهڙي شيءِ آهي، جيكا سيني شين كان پلاري ۽ پياري آهي ۽ عاشقن وٽ ان كان وڌيك كا بہ شيءِ سهڻي ۽ پياري نہ آهي.

بيت

سايهء حور بر نتابد طرهء دستار ما
تحفهء مرهم نمي گيرد دل افگار ما
آتش دوزخ چه باشد نزد آتش عشق
هفت دوزخ كي بود نزد آه آتشفگار ما
همچو صوفي مست كه نزد آه آتشفگار ما
همچو صوفي مست كه ز نالها غنويتست
رقص مي ورزد فلک ز نالها مروار ما

www.maktabah.org

هر کجا دیدم ندیدم غیر دلبر زانکه دوست
هست در چشم و سرو جان دل بیدار ما
محو گشته همچو قطره ریزد در دریائ عظیم
نغمهء اهل تواجد جمله در گفتار ما
گر نگرم من انا الحق لیک بنگر محو گشت
صد هزاران نغمهء منصور در اسرار ما
محو گردد جمله دفتر هائ در یک حرف
آن آیه که ظاهر شود از دفتر اسرار ما
بلبل و پروانه در جنگ است باهم برسرش
ز آنکه گل زمانه شرح و شمع قد آمد بعالم یار ما
بلبل و پروانه، گل، شمع عاشق، مبتلا
بر قد و رخسار مه پاره دلدار ما
نکوهش مي کرد فلک از حسرت و عبرت
ذوق تمام که دارد خسته جوئ در طلب دلدار ما
مي کند فخري هزاران جان شيري را فدا
بر سر تار موئ گر پذيرد يار ما.

[حور جو نور بہ، اسان جي پڳ جي ڦُندڙ تي روشن ٿي نہ سگھندو. اسان جي زخمي دل، مرھم جو تحفو بہ قبول نہ ڪندي. عشق جي باہ جي سامھون دوزخ جي باہ جي ڪھڙي حيثيت؟ اسان جي اندر جي آھ جي ٻيٽ ۾ ست جھنم بہ ڪجھ نہ آھن. مست صوفي وانگر ٿيءُ، جنھن جي مستانہ نعرن جي ڪري، آسمان بہ نچي رھيو آھي. جيڏانھن بہ نھاريان ٿو دوست کان سواءِ ڪجھ بہ نظر نٿو اچي. چاڪاڻ تہ دوست منھنجين اکين، منھنجي متي، منھنجي جان ۾ منھنجي ھوشيار دل ۾ سمايل آھي. جيئن وڏي سمنڊ ۾ قطرو ڪرندو آھي، تيئن تون بہ ان ۾ گم ٿي وڃ. جيڪي وجد ۾ ايندا آھن، انھن سيني جو نغمو اسان جي گفتگو آھي، جيڪڏھن آءُ "انا الحق" جو نعرو نہ ھڻان، پر ڏس تہ منصور حلاج جي نغمن جھڙا سوين ھزارين نغما اسان جي اسرارن ۾ رازن ۾ ڳجھا آھن.

www.maktabah.org

جيڪا آيت اسان جي اسرارن جي دفتر مان ظاهر ٿئي ٿي، ان جي هڪ حرف ۾ ئي سمورا دفترن جا دفتر گم ٿي وڃن ٿا. بلبل ۽ پروانو ٻئي ان (محبوب) جي مٿان پاڻ ۾ جنگ ڪري رهيا آهن. چاڪاڻ ته ڏاڙهون جا داڻا، اسان جي يار جي شرح آهن ۽ جهان کي روشن ڪندڙ شمع، ان جو قد آهي. بلبل، پروانو گل، شمع سڀ اسان جي دلدار جي چنڊ جهڙي چهري جا عاشق آهن. آسمان به حسرت ۽ عبرت جي ڪري اسان جي دلدار جي عاشق صادق تي ملامت ڪري رهيو آهي. اسان جي دلدار جي طلب ۾، بيحال عاشق، جيڪي گهٽي ۾ گهٽو ذوق (عشق) رکن ٿا، سي هزارين شيرين جانيون قربان ڪرڻ ۾ فخر ڪن ٿا، بشرطيڪ اسان جو يار سر کان وٺي پيرن تائين سندن فداڪاريءَ کي قبول ڪري.]

بيت

اي بيان غمزه ات غارت گر جان من است
لطف فرما که اين تنمائ نقش در جان من است
باد يا رب غمرت در ديده جان و دلم
زانکه ميمون مرهم داغ دل و جان من است
تير مرگان گز گمان ابروئ رويئ بر من ضعيف
مانند تيري در دل و پيکان در جان من است
گر به بيني حال من مسکين ترحم مي کني
که فراقت طرفه اي حال بر دل و جان من است
در فراق يار جاني در بند من جان نماند
شد يقين اکنون مرا جانان من جان من است
صد هزاران آه و ناله از رويئ هجران مي کنم
يک نمي شنود دريغا گرچه او جان من است
جستجو جانان همي کردم در اطراف جهان
چون بدانستم بدانستم که در جان من است
بس جواهر سنگ در را ز جان خود مي ريختم
يافتم در آخر راز ايشان که در جان من است

www.maktabah.org

چشم عالم بين بپوشان، ديده حق بين كشا
تا به هنر حق بديده حق كه در جان من است
كه برائ از چه تاريک يغمي گنج نفس
تا هما بي گنج مخفي گم در جان من است.

[اي منهنجا محبوب! تنهنجي ناز انداز جو بيان ئي منهنجي جان وٺندر آهي. لطف فرماءِ جو اها تمنا منهنجي دل تي نقش ٿيل آهي. اي منهنجا رب! منهنجي دل ۾ جان جي اکين ۾ سختي ۽ سور وڌي ويو آهي. تون ئي منهنجي دل ۽ جان جي داغ لاءِ مبارک مرهم آهين. (دلبر) پنهنجي پرون جي کمان سان ناز انداز جو جيکو تير مون ضعيف جي منهن تي اڇلايو آهي اهو ائين آهي جيئن، دل ۾ تير ۽ جان ۾ نيزو لڳي ويو. جيکڏهن منهنجي حال کي ڏسندين تہ توکي بہ رحم اچي ويندو. چوتہ تنهنجي جدائي منهنجي دل ۽ جان لاءِ هاجيکار آهي. يار جي جدائي ۾ منهنجي جسم ۾ جان باقي نہ رهي آهي. هاڻي مون کي يقين ٿي ويو آهي تہ منهنجو دلبر ئي منهنجي جان آهي. جدائي ۽ فراق جي ڪري هزارين آهون پري رهيو آهيان ۽ دانهون ڪري رهيو آهيان پر (دلبر) منهنجي هڪ بہ نہ ٻڌڻ لاءِ تيار نہ آهي. جيتوٽيڪ اهو ئي منهنجي جان آهي. جڏهن دلبر جي پوري دنيا ۾ تلاش ڪيم، تڏهن خبر پئي تہ دلبر تہ منهنجي دل جي اندر آهي. پنهنجي جان جا گهٽا ئي موتين ۽ هيرن وارا پٿر اڇلايم. آخر ۾ اهو راز معلوم ٿيو تہ اهو منهنجي جان جي اندر آهي. دنيا کي ڏسندڙ اکيون، ٻوٽي ڇڏ. حق ڏسندڙ اکيون کول تہ جيئن توکي حق ڏسندڙ هنر عطا ٿئي. خزانو ڇا جي ڪري اوندانهون آهي؟ انهيءَ ڪري جو هُما، بغير خزاني جي منهنجي جان ۾ گم آهي، يعني ذات واحد موجود آهي تہ پوءِ خزاني جي ڪهڙي ضرورت؟.]

سهڻن سيبتن ۽ حسينن جي باغ جي مقابلي ۾، ٻئي جهان ڪالعدم ۽ هيچ آهن.

بيت

اي گلزار رخت گلشن گيتي چمني
عاشق زار چو بلبل تُو ام اي گلبدني

www.maktabah.org

[اي، دنيا جي باغ کي گل و گلزار ڪندڙ ۽ رونق بخشيندڙ سهڻا! آءٌ، ضعيف ۽ ناتوان، تنهنجي حُسن تي بلبل وانگر عاشق آهيان.]

فقط منهنجي دل توتي نثار ۽ تنهنجي قيدي نہ آهي، پر مون وانگر سوين ماڻهو پرواني جيئان تنهنجا مشتاق آهن. هر خاص ۽ عام تنهنجي حسن جو عاشق آهي. تون ائين آهين جيئن محفل ۾ شمع هوندي آهي. باوجود هن حقيقت جي تہ اهو ڳجهو آهي. تڏهن بہ ناز ۽ انداز جي سوين پردن مان ظاهر آهي. هر جان ۾ ۽ جاءِ تي. جتي بہ تون آهين. دنيا جي اوندهين ۾ تنهنجي وجود جي ئي روشني آهي. اي انسان! تنهنجي سلطنت ۾ تنهنجو حڪم بہ لاڳو نہ آهي. واہ جو اهو سليماني تخت آهي. جنهن تي تون وينو آهين. منهنجي اندر ۾ عظيم دولت جو خزانو آهي. هي جيڪي ڪجهہ ٻنهي جهانن ۾ ظاهر آهي. اهي انهيءَ خزاني جا هڪ ٻہ نمونا آهن. (اي الله! منهنجي دشمن جا لشڪر مون تي ڪاه ڪري آيا آهن. منهنجي مدد ڪر، ڇاڪاڻ تہ تون ئي دشمن جي لشڪر کي شڪست ڏئي سگهين ٿو. هيءَ "نقير" جيڪو گل گلاب وانگر نرم آهي ۽ تنهنجي باجهہ جي انتظار ۾ آهي، تون ان جي طرفان ڪافي آهين، يا وري عشق جام جهان نما ([1]) آهي. جيڪو بہ انهيءَ پيالي مان ڊڪ پيئندو آهي سموريون شيون ان تي ظاهر ٿي ويندیون، اهي ڳجهيون هجن يا آشڪار.

بيت

اي آن كه همي كوشي شب و روز ثواب اندر
صدر گونه كردند آنان كه ثواب اندر
جز كوي دلاويزي دلبر تو خطا بيني
برون اگر آئي دوست جناب اندر
مستي كن از دل و جان مايوس لب لعلش

(1) ايراني بادشاه خسرو پرويز جي پيالي جو نالو. جنهن جي باري ۾ مشهور آهي تہ ان جي ذريعي علم نجوم جي حساب سان ايندڙ واقعن جو حال معلوم ٿي ويندو هو. پر اسلامي شريعت، انهيءَ تاريخي نظريي کي نٿي مڃي. ان کي "جام جهان بين" ۽ "جام جهان آرا" بہ چون ٿا. (حسن اللغات فارسي ص ۲۵۲)

www.maktabah.org

مستي نبود جز اين مستي كه لباب اندر
ذوق تو اگر يابي از نوش لب لعلش
هر گز نه شود لعليت اي جان مي ناب
ساغر رخ جانانه بهتر از پيمانه
ذوقي كه درين جامي آن نيست شراب اندر
صد آرزوي دارم بلب دلدارم
خوش چاشني دار كه آن نيست كباب اندر
در هر رگ صد نغمه مضراب محبت
صد گونه صداي شان خوش تركه رباب اندر
گر نسخه عشق او خواني و عمل ورزي
يابي تو زخود سر كه آن نيست كتاب اندر
با عين حقيقت بين اي يار كه صوفيست
منظور نظر ايشان گردد بجناب اندر
بكشا ز خود پرده تا در خود بيني خود
صد سر جانان كه آن هست حجاب اندر
چون پرده كشايند بكشودحجاب از خود
صد راز بدر افتد كه بود نقاب اندر
يا غير نه پندارد يا درينجا هست
در دل نشان پنهان محبوب حجاب اندر
صد مرتبه ات گفتم بكن مرمت تن
آن نيست عمارت در لذت كه در خراب اندر
با ديده دل "فقيري!" بنگر تو درين عالم
صدر بحر نهان گشته بيني بسراب اندر

[اي اُهو شخص، جو تون رات ڏينهن ثواب هي تلاش ۾ رهين ٿو. انهيءَ الله تعالي، تنهنجي اندر سوين قسم جا ثواب ركيا آهن. دل موهيندڙ دلبر جي گهٽي كان سواءِ ٻئي هنڌ ويندين تہ خطا ڏسندين. جيكڏهن پنهنجي خودي كان ٻاهر نكري ايندين تہ دوست كي پنهنجي اندر لهندين.

www.maktabah.org

مايوس انسان! دل ۾ جان سان مستي ڪر جو محبوب آڏو آهي. انهيءَ مستي ۾ خوشي کان سواءِ ڪا به مستي ۾ خوشي نه آهي. جيڪا دل جي اندر حاصل ٿيندي آهي. جيڪڏهن توکي ذوق حاصل آهي ته معشوق جي مئي پيءُ. اي جان! ان کان سواءِ پاڪ شفاف شراب توکي هرگز حاصل نه ٿيندو. محبوب جي رخ جو پيالو شراب واري پيماني کان وڌيڪ چگو آهي. دلبر جي ملڻ سان جيڪو ذوق ۾ شوق نصيب ٿئي ٿو. اهو شراب ۾ به نه آهي. سوين آرزو رکان ٿو ته دلدار جا اهي چپ چرن، جو اهڙي چاشني ۾ چسڪو ڪباب ۾ به نه آهي. هر هڪ رڳ ۾ محبت جا سوين نغما آهن. ان جي رباب مان سوين قسم جا سهڻا آواز اچن ٿا. جيڪڏهن ان جي عشق جو نسخو پڙهندين ۾ ان تي عمل ڪندين ته توکي اهڙو راز نصيب ٿيندو. جيڪو ڪتاب جي اندر به نه آهي. اي يارا حقيقت جي نظر سان ڏس ته جيڪي صوفي آهن. اهي ئي الله تعالي جا منظور نظر آهن. پاڻ تان پردو کڻ ته جيئن پنهنجي اندر پاڻ کي ڏسين. دلبر جا سوين راز حجاب جي اندر آهن. جڏهن پردا پري ٿيندا آهن ته پاڻ تان حجاب کلي ويندو آهي. پوءِ سوين قسم جا راز جيڪي ڳجهه ۾ آهن ظاهر ٿيندا آهن جيستائين غير نه ڇاٽي ته يار هن هنڌ آهي. دل ۾ ڳجهو نشان هوندو آهي ته محبوب حجاب اندر آهي. توکي سوين پيرا چئي چڪو آهيان ته پنهنجي جسم جي تعمير ڪر. اها اهڙي عمارت نه آهي. جيڪا لذت سب خراب ٿئي. اي "فقيرا" هن جهان کي دل جي نگاه سان ڏس! توکي رڻ پٽ ۾ به سوين ڳجها سمنڊ نظر ايندا.]

اي هوشيار عزيزا! ڇاڻ ته اشارن وارا جيڪي الله تعالي جي معرفت رکندڙ آهن فرمائين ٿا ته عام ماڻهو عارفن جي ڳالهين جي اونهائي تائين پهچڻ ۾ انهن کي سمجهڻ کان عاجز آهن. ڇاڪاڻ ته انهن اڇا ظاهري صورت جي ماڻڻيءَ مان، معنائن جي جهان ۾ قدم ناهي رکيو. مثلاً جن کي "جام" – "شراب" – "ساقي" – "مي" – "محبوب" – "مغبچه" – "پيرمغان" وغيره لفظن جي حقيقت معلوم نه آهي. اهي انهن جي مجازي معنيٰ مراد ونندا. اهڙا ئي ڪي الفاظ مجازي معنائن ۾ ماستعمال ٿين ٿا ۽

www.maktabah.org

محققن انهن جون معنائون مقرر ڪيو ن آهن. هتي انهن جا ڪجهه تفصيل بيان ڪريون ٿا. پوءِ انهن جي اها ئي معنيٰ وڻڻ گهرجي. ٻي معنيٰ مراد وڻڻ نہ گهرجي.

www.maktabah.org

باب اٹويهون

بعض لفظن جي معنيٰ، جيڪا حافظ شيرازي ۽ ٻين عارفن بيان ڪئي آهي

ڄاڻڻ گهرجي تہ "ميخانه"، "بتڪده"، شرابخانہ، ڪامل عارف جي دل کي چوندا آهن. ڇاڪاڻ تہ ڪامل عارف جي دل، الله تعالىٰ جي محبت ۽ شوق جو خزانو ۽ سرچشمو هوندي آهي. جتي مولىٰ تعالىٰ جي رحمت ۽ ٻاجهہ لهي ٿي. "ترسابچه" غيبي ارادي کي چوندا آهن جيڪو طريقت جي سالڪ جي دل ۾ پيدا ٿيندو آهي ۽ ڄجهہ جي جهان مان ان تي واردات ٿيندیون آهن. "بت" ۽ "شاهد" اهڙي فهم ۽ فرقان کي چوندا آهن جنهن سان عارف حق ۽ باطل ۾ فرق ڪندو آهي. "دير" ۽ "خرابات"، معنائن جي جهان کي چوندا آهن. "گرو" اهو ڪافر، جنهن ۾ سختي وڌيڪ هجي، پر ظاهر نہ ٿئي. "مي" ۽ "شراب" مان سالڪ جو ذوق مراد آهي. جنهن ۾ اهو خوش هوندو آهي. "ساغر" ۽ "پيمانه" انهيءَ رات کي چوندا آهن جنهن ۾ سالڪ کي غيبي مشاهدا ۽ انوار ٿيندا آهن ۽ اهو معنائون معلوم ڪندو آهي. "زنار" مان مراد يڪرنگي ۽ يڪجهتي آهي. "دلدار"، "صنم"، "محبوب" مان روحاني صفتون مراد آهن. "غمزه"، "بوسه"، فيض ۽ باطني جذبي کي چوندا آهن. "لب" ۽ "دهن" هميشه واري حياتي کي چوندا آهن. "ساقي"، پير ۽ مرشد کي چوندا آهن. "چشم"، "ابرو"، "حال"، "خطره"، "جمال و ڪمال" الهام وغيره کي چوندا آهن. "قلاش" قلندر کي چوندا آهن. "تواند" ترڪ ۽ تجريد وارن کي چوندا آهن. "مُطرب، ترغيب ڏيندڙ ۽ فيض رسائيندڙ کي چوندا آهن. "مست" ۽ "شيد" جذبي ۽ شوق وارن. الله تعالىٰ جي عاشقن ۽ پڙ انهن کي بہ چوندا آهن جيڪي نفساني خواهشن کان پاڪ هجن. "خمار" ۽ "باده فروش" مان مراد ڪامل مرشد آهي. "پير مغان" ۽ "دير خرابات" مان مراد مربي ۽ پير طريقت آهي. خالص محبت کي شراب چوندا آهن. "نوشندگان" ۽ "مي خواران"، مشتاقن کي چوندا آهن. حق تعالىٰ جي محبت ۽ ارادت کي "مي خانه" ۽

www.maktabah.org

"خرابات" چوندا آهن. "موردان" ساقي کي چوندا آهن.[1] "شراب"- "ذوق"، "شمع"، "عرفان"..... مان مراد خدمت آهي. "خراباتي" جند ڇڏائڻ "ترسائي"، تجريد، "بت" ۽ "ترسابچه" ظاهر ٿيندڙ نور ۽ محبوب کي چوندا آهن.

ڄاڻڻ گهرجي ته جيتوڻيڪ ظاهري علم رکندڙ علماءَ حضرات "عشق" لفظ جو اطلاق الله تعالي لاءِ نٿا ڪن ڇو ته کين باطني علمن کان آگاهي نه آهي. يعني حقيقت جي علم کان بي بهره بي خبر آهن ۽ دنياوي نصيب ۽ حصو واپرائين ٿا. تنهن ڪري ڪري معذور به آهن پر جيڪي اسرارن ۽ رازن کان واقف آهن، اهي ان لفظ کي الله تعالي لاءِ استعمال ڪرڻ ۾ حرج نٿا پائڻين. "زلف"، "خال"، "جمال"، "حظ"، "حسن"، "دان"، "جنب"، "ديد"، "قد"، "قامت"، "ملاحت"، جهڙا الفاظ استعمال ڪري، انهن مان ذوق وٺندا ۽ پاڻو واپرائيندا آهن ۽ هر هڪ جي شرعي تاويل ڪندا آهن ۽ انهن جي مجاز جي حقيقت به عين حقيقت ئي آهي. ۽ انهيءَ جملي کي حقيقي محبوب ۽ حقيقي مطلوب لاءِ ڳالهائيندا آهن.

بيت

چشم ابرو خال و خط و زلف و جمال و حسن همان
بر همه يکجا شدند فخريٰ! چه محضر گرديد
در بهاي يک نگاه آن نازنين ماه رو
صد هزاران جان شيرين را مقرر کردند

[اک، پرون خال، خط، زلف، جمال، حسن اي فقيرا! ڏڃين ڇو ٿو؟ اهي سڀ شيون هڪ هنڌ گڏ آهن. انهي ڇنڊ ڇڏي سهڻي نازنين جي حسن جي هڪ نظر پسڻ جي لاءِ، سوين هزارين قيمتي جانيون مقرر ڪيون ويون آهن.]

نقل آهي ته رابعه عدويه رحمه الله عليها لڳاتار روئندي رهي. ڪيس چيائون ته رئڻ جو ڪو سبب بظاهر نظر نه ٿو اچي، ڇاجي ڪري روئي

---

[1] هتي بعض الفاظن جو تڪرار آهي، انهن کي جيئن جو تيئن بيان ڪيو ويو آهي. (مترجم)

www.maktabah.org

رهي آهين؟ چيائين تہ سيني ۾ ان جو سبب موجود آهي. جيڪڏهن پوري دنيا جا سڀ طبيب، گڏجي ان جو علاج ڪن تہ بہ علاج ڪري نہ سگهندا. پر انهيءَ زخم جو علاج محبوب جو وصال آهي ۽ هي سڀ آهون ۽ دانهون ڪوڪون اسان جي پنهنجي وس ۾ نہ آهن. چاڪاڻ تہ عاشق پنهنجو هڻ، پنهنجي محبوب جي هٿ ۾ ڏئي ڇڏيو آهي. تانجو سندن نڪو رنگ باقي بچيو آهي ۽ نہ ڪا بوءِ ۽ نہ خوءِ باقي آهي.

بيت

كي كار بسر خود از گِل آيد
با حركت جنبش از شده آيد
عشق چو كوه و دمن چو گاهي گاهي
چه كند برو تلا آيد جامم شود
از خون لبا لب چون شيشه بقلقل آيد
بختي... زير آب چو تمام شد گل آيد
چون كلوخ عزم گلشن آرد فرياد ز گل چو بلبل آيد
"فقيري!" هرگز نكنم من آه و ناله گر شيوه مرا ز دل آيد

[متي پنهنجي سر کو ڪم ڪيئن ڪري سگهي ٿي؟ جڏهن ان کي چوريو وڃي ٿو تڏهن اُن ۾ هلچل پيدا ٿئي ٿي، عشق تہ تڏهن ٿو عشق تہ جبل ۽ ٽڪريءَ وانگر آهي، جنهن ۾ ڪڏهن ڪڏهن سون پيدا ٿيندو آهي. جنهن مان منهنجو پيالو ٺهندو آهي. دل رت مان ائين پرجي وئي آهي، جيئن شيشي مان گلاس ۽ شراب ايندو آهي. بخت ۽ ٻاجهہ جي کهڙي تلاش؟ جڏهن زمين ۾ پاڻي آهي تہ ان ۾ گل پيدا ٿيندا آهن. جڏهن کو ماڻهو باغ ۾ پتر اڇلائيندو آهي تہ گل بہ، بلبل وانگر فرياد ڪندو آهي تہ اي "فقير"! مان هرگز آه فرياد نہ ڪريان ها. جيڪڏهن منهنجي دل کي صبر جي عادت هجي ها.]

هڪ پيري پچيو ويو اي رابعہ! خدا تعالي کي دوست رکين ٿي؟ چيائين تہ هائو! چيائون تہ شيطان سان دشمني رکين ٿي؟ چيائين. تہ دوست جي موجودگيءَ ۾، شيطان دشمن جي پرواه نہ آهي.

www.maktabah.org

عشق اهڙو جلال آهي، جيڪو عاشقن کي قتل ڪري سندن دلين کي رت جو درياءَ ۾ سندن اکين کي درياءَ جيحون ۾ متائي ڇڏي ٿو. تنهن ڪري اهي رات ڏينهن محبوب جي طلب ۾ مشغول رهن ٿا.

بيت

آري! درون عاشقان از رنگ لعلت خون شده
و از بمرون ابر چشمت، چشمها جيحون[1] شده
بهر ديدار شريفت واله و حيران شدند
دلبرا! بنگر خدا را حال آنها چون شده

[هائو منهنجا محبوب! تنهنجي لعل ۾ ڳاڙهي رنگ جي ڪري عاشقن جو اندر رت ٿي ويو آهي ۽ تنهنجي اکين جي پلڪن جي بجلي سبب سندن اکيون جيحون درياءَ ٿي چڪيون آهن. تنهنجي ديدار شريف لاءِ حيران ۽ پريشان آهن. اي منهنجا دلبرا! خدا جي واسطي انهن جو حال ڏس تہ ڇا ٿي ويو آهي؟!.]

در هواي روي ليلي قيس مجنونست و بس
در محبت کوي جانان عالم مجنون شده
گر ترا ديدار ز جانم نغمه منصور وار
و از صدف جوهر در تسبيح بيرون شده
همت و دولت سعادت بخت "فقيري" را نگر
اين و آن را داده در بي چون شده

[ليلي جي چهري جي محبت ۾ قيس چريو ٿي پيو بس ٻي ڪا ڳالهہ نہ آهي. دنيا جي محبوبن جي محبت واري گهٽيءَ ۾، چريو ٿي ويو. جيڪڏهن توکي پنهنجي محبوب جي ديدار جو شوق آهي تہ منصور وارو نغمو يعني انا الحق ڳاءِ ۽ سپ مان تسبيح لاءِ موتي جو داڻو ٻاهر ڪڍ. "فقير" جي همت، دولت، سعادتمندي کي ڏس. انهيءَ اين و آن يعني هي ۽ هو جي بحث کي ڇڏي، بي مثل جو ٿي پيو يعني الله جي حوالي ٿيو.]

يا وري عشق هڪ اهڙي بي مثال ۽ دولت ۽ اڻ ڪٽ نعمت

---

[1] جيحون بلخ شهر جي نهر ۽ جيحان شام جي نهر آهي. (مختار الصحاح ص ۴۰ ج ۱)

www.maktabah.org

آهي، جنهن سان عاشق عين معشوق ٿي وڃي ٿو ۽ معشوق عاشق ٿي وڃي ٿو.

بيت

من آن عاشق که صد معشوق مبتلا دارم
من آن بگفتا زاهد بامن چه دينداري بدو گفتم
من آن مجنون که صد ليلي چون مجنون بي نوا دارم
من آن و پروانها و بلبل که شمع و گل نکرد خود
چون بلبل ها وپروانها بصد مهر و وفا دارم
مرا در انجمن خلوت، به بزم ازو عزلت
من آن رندم در علم خلوت برملا دارم
من اين دين دارم اندر دل که جز حق ناروا دارم
بغايت مرتفع آمد اگرچه کاخ عشق او رسيدم
زان بپايه او سر در زير او دارم
گدايم گر بصورت ليک در معني شهنشاهم
من آن "فقيري" که ز استغنا دو صد ملک غنا دارم

[آڻ اهو عاشق آهيان، جنهن تي سوين معشوق مري متي رهيا آهن. مون ائين چيو ۽ هن کي چيم ته زاهد جي مون سان ڪهڙي دينداري آهي؟ آڻ اهو مجنون آهيان، جنهن جون سوين بي آواز ليلي آهن. اهو پروانو ۽ بلبل آهيان. جنهن کي نه شمع پنهنجو ڪيو ۽ نه ئي گل. بلبلن ۽ پروانن وانگر، سوين محبتون ۽ وفا رکان ٿو من هن جي گوشئه نشيني جي تنهائي واري مجلس ۾، آڻ اُهو رند آهيان، جيڪو خلوت ۾ به آشڪار آهي. منهنجي دل جي دينداري عشق جي محلات تي پهچي وڃان ته مون وڏي بلندي ماڻي. سندس پيرن ۾ پنهنجو مٿو رکان ته اها منهنجي وڏي سعادت آهي. آڻ ظاهري صورت ۾ فقير آهيان. پر معنوي طور (درحقيقت) شهنشاه آهيان. مان اهو فقير آهيان جنهن کي پنهنجي بي پرواهي جي ڪري ٻن سؤ ملڪن کان به وڌيڪ جي بادشاهي ملي ته ان کان به بي نياز آهيان.]

www.maktabah.org

يا عشق هڪ هما[1] پکي آهي، جنهن جي مٿان بہ ويهندو آهي. ان کي ٻنهي جهانن جي بادشاهي ملندي آهي.

يا وري عشق جنون الاهي يا جذبه حق اهي يا الله تعالي جو وصال ۽ انعام الاهي آهي ۽ اها شيءِ الله تعالي هر کنهن کي عطا نہ ڪندو آهي. ڇاڪاڻ تہ جيڪو عشق کي حاصل ڪندو اهو ئي الله کي حاصل ڪندو ۽ جنهن کي عشق حاصل نہ هوندو آهي اهو خدا تعالي کي حاصل ڪري نہ سگهندو آهي. جيڪي رازن اسرارن کان واقف آهن انهن کي خبر هوندي آهي عشق ڪهڙي شيءِ آهي ۽ ان جو مرتبو ۽ مقام ڪهڙو آهي؟ ۽ جيڪو اسرارن ۽ رموزن کان واقف نہ هوندو آهي. ان کي ڪهڙي خبر تہ عشق ڪهڙو راز آهي؟ بلڪ غير عاشق کي، عشق جي ايتري خبر هوندي آهي جيتري نامرد (کدڙي) کي مباشرت جي هوندي آهي. جيئن چيو ويو آهي.

بيت

عاقلان را شرع تکليف است و بس
عاشقان را عشق تشريف است و بس

[عقلمندن لاءِ شريعت (جي پابندي) مشڪل آهي ۽ بس، (پر) عاشقن لاءِ عشق، عزت ۽ احترام جوڳو مقام آهي ۽ بس.]

هتي هڪ عظيم نڪتو ياد رکڻ جوڳو آهي، بزرگ فرمائين ٿا تہ نبوت جا چوڏهہ هزار نڪتا نازل ٿيا آهن. پر جيڪو شخص الله تعالي جي عشق کان محروم آهي ان کي هرگز ڪا بہ شيءِ نصيب نہ ٿيندي آهي.

اي منهنجا عزيز! ڄاڻ تہ عشق اهڙي دولت آهي، جنهن کي الله سبحانہ و تعالي هر شيءِ کان اڳ پيدا فرمايو. هر شيءِ تي غالب فرمايو ۽ سڀ شيون ان لاءِ پيدا فرمايون آهن. جيئن فرمايو ويو آهي تہ مان ڳجهو خزانو هيس پوءِ مون رادو ڪيو تہ مون کي ڄاتو ۽ سڃاتون وڃي. پوءِ مون

---

[1] هڪ اهڙو پکي جنهن کي نهايت مبارڪ خيال ڪيو وڃي ٿو ۽ چيو وڃي ٿو تہ جنهن شخص جي مٿي تي ويهندو آهي، ان جو عروج ۽ اقبال شروع ٿي ويندو آهي. اهو ڪنهن ٻئي پکيءَ کي نہ ستائيندو آهي. ان جي خوراڪ هڏي آهي. پڙ ايران جي بادشاهہ. بهمن جي ڏيءُ جو نالو بہ هو. (حسن اللغات ص ٥٦٩)

www.maktabah.org

مخلوق پيدا ڪئي ته جيئن منهنجي سچاڻپ ٿئي. انهيءَ اعبار سان عاشق ۽ مريد مطلق، حق تعالي ۽ مخلوق، معشوق آهي. خالق اڪبر جو مقصود، انهيءَ عشق جي پيدائش ۽ معرفت ئي آهي، پوءِ جنهن به عشق حاصل ڪيو بيشڪ انهيءَ معرف حاصل ڪئي. چاڪاڻ ته عشق ۽ معرفت پاڻ ۾ جڙيا پائر آهن. ۽ انهيءَ عشق ۽ محبت جي ڪا پڇاڙي ۽ انتها نه آهي. هڪ پيري ذوالنون مصري رح هڪ عورت کي ڏٺو. جيڪا خدا پرستيءَ جي دعويٰ ڪري رهي هئي. ان کان پڇيائين ته الله تعالي جي محبت جي انتها ۽ پڇاڙي ڪهڙي آهي؟ انهيءَ جواب ڏنو ته ان جي ڪا به پچاري ۽ انتها نه آهي. ذوالنون مصري رح چيو ته عورت صحيح چوي ٿي. جيئن ته محبت، محبوب جي صفت آهي ۽ ظاهر آهي ته محبوب جي محبت کي ڪو چيهه ۽ پڇاڙي نه آهي، تنهن ڪري ناممڪن آهي جو سندس محبت جي به ڪا پڇاڙي يا فنا هجي. جيتوڻيڪ محبت ڪندڙ (محب) محبوب جي محبت ۾ غرق ۽ گم هوندو آهي ۽ مال ۽ دولت انهيءَ مقام کي نٽي پهچي سگهي ۽ جيڪي ماڻهو گمان ڪن ٿا ته اسان پنهنجو مقصد ۽ پنهنجي مراد لڌي آهي. (اهي صحيح نه آهن، چاڪاڻ ته) ڪو به انهيءَ مقام تي پهچي نٽو سگهي.

"بيت"

اي که بر مرکب جهلي بگمان آگاهي
هوش داريد که بر راه نه، گمراهي
بر خيال تو رسيده که رسيدم، بمراد
چشم وا دار، به بين نيک تر، اندر چاهي
خواب خرگوش داري، زانکه رفيقان رفته
يافتند مقصد و مطلوب، تو بر سر راهي
همچو ماه فلک کي رسي، اي دون همت
گر تو در قعر طبيعت ماندي، چون ماهي
گر گدائ خود از ذلت دهر خون مَران
خود زخود بيخود بنگر، که تو شاهنشاهي

www.maktabah.org

تا تو مي باشي از احدي علو مرتبي
"فقيري!" از خود بگذار گر تو خدا مي خواهي

[اي شخص! تون، جيڪو جاهليت جو مجسم آهين ۽ علم جي دعويٰ ڪرين ٿو هوش ڪر، تون صحيح وات تي ناهين، تون گمراه آهين، تنهنجو خيال آهي ته پنهنجي مراد کي پهچي ويو آهين؟ اکيون کولي چڱي طرح ڏس، توکي معلوم ٿيندو ته تون انڌي کوهه جي اندر آهين. سيهڙ واري ننڊ ۾ آهين. تنهنجا ساٿي پنهنجي منزل تي پهچي ويا آهن ۽ تون اڃي رستي ۾ پيو آهين. اي ڪم همت انسان! جيڪڏهن طبيعت جي تري ۾ پيو هوندين، جيئن مڇي پاڻي ۾ هوندي آهي ته پوءِ چنڊ تي ڪيئن پهچندين؟ مردن وانگر دنيا پرستي جي گدائي ڇڏ ۽ پنهنجي وجود جي باري ۾ پاڻ غور ڪر. چاڪاڻ ته تون شهنشاه آهين. "فقير"! پنهنجي نفس کي ڇڏ. جيڪڏهن تون خدا تعاليٰ جو وصال چاهين ٿو.]

ملفوظات شريف ۾ آهي ته جنهن ڏينهن الله تعاليٰ عشق کي پيدا فرمايو. اتي سوين هزارين شوق، محبت ۽ ذوق جا زنجير تنگيل هئا. حڪم ٿيو ته سڀني مؤمن جي روحن کي حاضر ڪيو وڃي. فرشتن کي امر ٿيو ته عشق کي ڇڪجهي باه جي درياءَ جي صورت ۾ ايمان وارن جي روحن جي سامهون آندو وڃي. جيڪي روح، شوق ۽ محبت سان اڳي ئي پريل هئا. انهن عشق جي زنجيرن تي پنهنجا هٿ هنيا ۽ سڀ گڏجي محبت جي درياءَ ۾ ڪاهي پيا. ۽ منجهس اهڙا غرق ٿي ويا جو سندن نالو نشان به ظاهر نه ٿيو. اهي روح نبين، پيغمبرن، ولين ۽ عاشقن جا هئا.

"حڪايت": چوي ٿو ته سياڻي قيامت جي ڏينهن جڏهن عاشقن کي نور جي زنجيرن ۾ جڪڙي بهشت ڏانهن گهليو ويندو، اهي زنجيرن مان هٿ ڇوڙائي فرياد ڪندي عرش الهي جي هيڪان حاضر ٿيندا، پوءِ حڪم ٿيندو ته انهن جي ڇڪين ۾ زنجيرون وجهي کين بهشت ڏانهن گهليو وڃي. اهي زنجيرن مان ڪنڊ ڪڍائي فرياد ڪندي عرش الاهي جي هيڪان حاضر ٿيندا. پوءِ حڪم ٿيندو ته انهن جي ڇڪين ۾ هڪ ٻيرو نه پر ستر هزار ٻيرا زنجيرون وجهي کين بهشت ڏانهن گهليو وڃي. اهي هر

www.maktabah.org

پيري زنجيرون ڇنائي نعرا هڻندي عرش جي هيٺان اچي گڏ ٿيندا، تڏهن الله تعالي جي طرفان اعلان ٿيندو ته اسان جي ملاقات ۽ وصال جي جاءِ جنت آهي. پوءِ اهي بهشت ۾ ايندا. انهيءَ سلسلي ۾ چيو ويو آهي ته:

بيت

مرا كه روي تو باشد، بهشت را چكنم

[جيكڏهن، مون كي تنهنجي چهري جو ديدار نصيب ٿئي ته پوءِ بهشت كي ڇا كندس؟.]

ڄاڻڻ گهرجي ته عاشق پنهي جهانن ۾ پنهنجي محبوب جي تلاش ۽ طلب ۾ رهندو آهي. پر جيئن ته سندس جاه جلال جي انتها نه آهي تنهن كري انهيءَ مقصد كي پهچڻ جي به كا انتها ۽ ڇيهه نه آهي. ۽ اها ڳالهه بلكل محال آهي. پوءِ جنهن شيءِ تائين پهچڻ ممكن نه هجي. ان جي تلاش ۽ طلب جي كا پڇاڙي ۽ انتها نه ٿيندي. حقيقي عاشق، ظاهري فنا جي باوجود پنهنجي حقيقي محبوب كان باز نه رهندو آهي.

بيت

"فقيري" عاشق است كه بعد از فنا خويش
دست از طلب تو دارد تا مر ترا بقا است

[فقير، عاشق، اهو آهي، جيكو پنهنجي فنا كان پوءِ به پنهنجي طلب لاءِ كوشش كندو آهي. ته ان كي بقا حاصل ٿئي.] عاشقن جي صاف شفاف سيني ۾ اهو عشق ائين آهي، جيئن فانوس ۾ چراغ يعني ڏيو.

بيت

شوق دلبر در دلم چون آتش است اندر مجمر است
در سرم سوداي همچون جان اندر دلبر است
در ضمير من نمي گنجد بجز دلدار كس
زانكه بيرون و درونم هر چه هست آن دلبراست
عشق و مهر جانان درجان و دل دائم مرا ست
چون دل اندر سينه وعقل و دماغ اندر است
فائق از سامان سلطان بي نوا عاشق است

www.maktabah.org

مهر جانان در دل و جانم درخشان چون غور است
داغ دلبر در جگر خوش تر ز نقد احمر است
ذره بي قدر "فقري" زمن زهي خورشيد كشت
مهر جانان در دل و جانم درخشان چون غور است

[منهنجي دل ۾ دلبر جو شوق ائين آهي جيئن آتش دان ۾ باه آهي. منهنجي مٿي ۾ عشق جو سودا ائين آهي جيئن دلبر جي اندر جان آهي. منهنجي اندر ۾، منهنجي دلبر کان سواءِ کو بہ نٹو ماپي. ڇاکاڻ تہ منهنجي اندر ۾ باهر دلبر ئي ۽نبر آهي. جيئن دل، سيني ۾ ۽ عقل، دماغ ۽ مٿي ۾ آهي. تيئن محبوب جو عشق ۽ محبت سدائين منهنجي دل ۾ قائم آهي. بادشاه جي سامان کان هي بي نوا عاشق سربلند آهي . سيني ۾ دلبر جو داغ ڳاڙهن موتين کان وڌيڪ سهڻو آهي. ڇاکاڻ تہ محبوب جو چند، منهنجي دل ۽ جان جي گهرائين ۾ چمڪي رهيو آهي.]

ڄاڻ تہ عشق ۽ محبت جي درميان فرق آهي، ڇاکاڻ تہ محبت ڪندڙ جي محبت لاءِ محبوب گهٽا آهن. پر عاشق کي فقط هڪ ئي معشوق هوندو آهي ۽ عشق کي اهڙو مقام نصيب آهي جيڪو اتحاد جو واسطو آهي. بلڪ (عشق) عاشق کي معشوق ۾ گم ڪري ڇڏيندو آهي. ان تي (عشق) ائين غالب ٿيندو آهي.[1]

---

[1] آخري حصو ڪائل آهي. (مترجم)

www.maktabah.org

www.maktabah.org

تشريحي حوالا

www.maktabah.org

www.maktabah.org

ص 4 شيخ عبدالله جلالي

شيخ فريدالدين عطار جي جڳ مشهور تصنيف 'تذكرة الاولياء' ابوعبدالله بن الجلاءَ جو ذكر ملي ٿو، اهڙيءَ طرح اهو ساڳيو نالو رسالہ ڪثيريہ پڻ ملي ٿو جتي مصنف ڄاڻائي ٿو تہ ذوالنون مصريءَ جو همعصر هو، سندس وفات جو سال 306هجري آهي.

[رسالن ڪثيريہ اردو، ص 194، تذكرة الاوليا فارسي، ص 89]

ص 4 ابوسعيد خراز

هن جو احوال رسالہ ڪثيريہ ۾، كشف المحجوب تذكرة الاولياء ۾ ملي ٿو، هتي جو حوالو ستوسنئون رسالہ ڪثيريہ مان معلوم ٿئي ٿو.

[رسالہ ڪثيريہ اردو، ص 143، كشف المحجوب تذكرة الاوليا، ص 382]

ص 5 توحيد جا قسم

مرصاء جي باب ٽئين جي فصل انين ۾ توحيد جا ساڳيا اهي پنج قسم ڄاڻايل آهن، جتي انهن جي وضاحت بہ ملي ٿي.

[مرصاد، ص 203]

ص 7 التوحيد يضمحل فيہ الرسوم ..... لم يزل

رسالا ڪثيريہ ۾ جنيد ڏانهن منسوب اهي الفاظ ايستائين ملن ٿا، ليكن ان سان واڌو الفاظ 'كان الله ولم يكن معاشيء' ڪونہ آهن. صوفين جي ڪيترن معتبر ڪتابن ۾ 'كان الله ولم يكن معه شيءٌ' حديث طور آندل آهن، بلڪ جڏهن جنيد بغداديءَ جي آڏو هن حديث جي تشريح بابت ڪنهن سوال ڪيو تہ يكدم وراڻيائين 'الآن كما كان' يعني هاڻي بہ ائين آهي جيئن اصل ۾ هو. دراصل اهي الفاظ الله تعاليٰ جي ذات بابت/ مطلب هو

www.maktabah.org

تہ چيائين جنهن جو ان جي ذات کنهن تفسير ۽ تبديليءَ کان پاڪ آهي، 'کان الله ولم يکن معه شيء' جي معنيٰ آهي الله ئي آهي ۽ ان سان گڏ بي کا شيءِ نہ آهي.

[رسالہ قشيريہ عربي، ص 508، فرهنگ ماثورات متون عرفاني، ص 307]

ص 9 العشق نار.....سوي الله

عين القضاة همداني جي کتاب تهميدات ۾ شبليءَ ڏانهن منسوب اهو قول هن ريت ملي ٿو.

'العشق نار في القلوب فاحرقت ماسيو المحبوب' يعني عشق دلين جي اها آگ آهي جيکا محبوب کانسواءِ بي هر شيءِ کي ساڙي پسم ڪري ٿي.

[فرهنگ ماثورات متون عرفاني، ص 325]

ص 9 اذاتم الفقر فهوالله

صوين جو مشهور قول آهي جيکو علاالدولہ سمناني جي 'چهل مجلس' کان علاوہ باخرزيءَ جي اولاد الاصاب ۽ مشارق الدراريءَ ۾ ملي ٿو. 'الهامات غوثيہ' ۾ وري اهي الفاظ هن ريت ملن ٿا، فاذا تم الفقر فلاهم الا انا.

[فرهنگ ماثورت متون عرفاني، ص 27، منهاج المعرفت، ص 210]

ص 11 شيخ شبلن

رسالہ قشيريہ موجب هن جو پورو نالو ابوبکر دلف بن حجدر شبلي آهي، هو بغداد ۾ پيدا ٿيو ۽ اتي ئي سندس نشو نما ٿي، جنيد بغداديءَ جي صحبت ۾ رهيو. ستاسي سالن جي عمر ۾ 334هـ ۾ وفات ڪري ويو، هو بغداد ۾ مدفون آهي.

هن جو شمار صاحب سکر صوفين ۾ ٿئي ٿو.

[رسالہ قشيريہ اردو، ص 218]

www.maktabah.org

ص 13 ويكون قيامک بالواجد بالتوحيد

پورو قول هن ريت آهي جيڪو ابن عطا جو آهي، جنيد ڏانهن ان جو انتساب صحيح نہ آهي.

التوحيد سنيان التوحيد في مشاهدةً جلال التوحيد حتيٰ يكون قيامک بالواحد لا بالتوحيد.

[فرهنگ لغات واصطلاحات عرفاني، ص 269]

ص 14 ابوعلي دقاق

قشيري ابوعلي دقاق کي پنهنجو استاد ۽ مرشد مجي ٿو، ان کري قشيري بار بار سندس ذکر کري ٿو ۽ هن جا احوال نقل کري ٿو، ابوعلي دقاق جو ذکر علي هجويري پنهنجي مشهور تصنيف ڪشف المحجوب ۾ پڻ کري ٿو، هن 406هـ ۾ وفات ڪئي، ليڪن ابن جوزي ۽ ابن ڪثير سندس وفات جو سال 412هجري ڄاڻائن تا.

[رسالہ قشيريہ اردو، ص 74]

ص 15 كان الله ولم يكن معه شيءٌ والآن كما كان بابت اڳ ۾ وضاحت ڪئي وئي، وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو.

[منهاج المعرفت، ص 286]

ص 16 شيخ عبدالله انصاري

قشيري ۽ هجويريءَ جي همعصر عبدالله انصاري جو تعلق هرات سان آهي، هن سال 481/1088 ۾ وفات ڪئي، تصوف ۾ سندس ڪيترين تصنيفون آهن، جن ۾ مشهور 'منازل السائرين' ۽ طبقات الصوفيہ آهن، ان کان سواءِ سندس تفسير 'ڪشف الاسرار' فارسي نثر جو اعليٰ مثال آهي.

[Sufism: A.J.Arbry P. 71]

ص 21 الا كل شيءٍ ماسوي الله باطل

www.maktabah.org

وكُل نعيم لا محالة زائل

عرب جي مشهور شاعي سيد جو شعر آهي جيكو پاڻ سڳورن گهڻو پسند كيو، اهڙو ذكر حديث جي كتابن ۾ ملي ٿو، كن كتابن ۾ 'سوي' جي بجاءِ 'خلل' جو لفظ ملي ٿو.

ص 23 العالم هوالحق

هي الفاظ ابن عربي جا معلوم ٿين ٿا جن جي بهترين تشريح مولانا جامي جي لوائح خاص طور لائحه 25 ۾ ملي ٿي، جتي هو چوي ٿو:

عالم ظاهر حق است و حق باطن عالم

يعني عالم حق جو ظهور آهي ۽ حق عالم جو باطن آهي.

انهيءَ لائحه ۾ اڳتي چوي ٿو:

عالم پيش از ظهور عين حق بود و حق بعد از ظهور عين عالم. يعني عالم يا هي جهان ظهور كان اڳ عين حق هو ۽ حق ظهور كان پوءِ يا ظهور جي صورت ۾ عين عالم آهي.

[تشريح لوائح جامي فارسي اردو، ص 104]

ص 55 لا انا ولا غيري

هنن لفظن جو ماخذ الهامات غوثيه جو الهام نائون آهي، جيكو مكمل طور هن ريت آهي:

قال عزوجل ياغوث الاعظم جسم النسان و نفسه و روحه و سمعه و بصره ولسانه ويده ورجله كل ذالک اظهرت نفساً لنفسي لاهو الانا ولا اناغيره.

معنيٰ: الله تعاليٰ فرمايو اي غوث اعظم انسان جو جسم، ان جو نفس ۽ روح، هن جو بڌڻ ۽ ڏسڻ، هن جي زيارت ۽ هٿ ۽ جنگهون، بلڪ هن جي وجود كي مون ظاهر كيو پنهنجي ذات واسطي پوءِ هو ناهي مگر آءٌ آهيان ۽ آءٌ هن جو غير ناهيان.

[الهامات غوثيه عربي- اردو، ص 11]

www.maktabah.org

ص 31 اول ماخلق الله نوري

حديث جا هي الفاظ مرصاد ۾ ملن ٿا، بلڪ اتي ان قسم جا بيا الفاظ به ملن ٿا جن ۾ پاڻ سڳورن جي اوليت کي بيان ڪيو ويو آهي، مثلاً 'انا من الله' يعني آءٌ الله کان آهيان.

[مرصاد، ص 132]

ص 31 انا اول من تجلىٰ له الرّب

هي الفاظ به مرصاد ۾ آيل آهن. [مرصاد، ص 134]

ص 32 انا من الله وكل شيءٍ منيّ

هنن الفاظن جو ماخذ به مرصاد آهي جيئن متي اچي چڪو، بهرحال اصل الفاظ هن ريت آهن:

انا من الله و المؤمنين مني

حديث جي ڪن ڪتابن ۾ هي الفاظ به اچن ٿا، انا من النور و كلم كم من نوري.

[مرصاد، ص 28، منهاج المعرفت، ص 268]

ص 33 محمد عربي آبروئي هر دو سرا است
كسي كه خاك درش نيست خاك برسراو

شعر جي اصل صحيح صورت اها آهي، اهو شعر مولانا نورالدين هلاليءَ جو آهي جيڪو ترڪمان چغتائي هو، سندس نشونما استرآباد ۾ ٿي ۽ جواني ۾ مير علي شير نوائي جي خدمت ۾ پهتو هنن سندس وڏي قدرداني ڪئي، ائين ڪيس سلطان حسين بايقرا جهڙي ادب پرور ۽ ادب نواز سلطان جي دربار سان وابستہ ٿيڻ جو شرف حاصل ٿيو.

[ديوان هلالي چغتائي سعيد نفيسي، ص 211]

ص 35 لولاك يا محمد لما اظهرت ربوبيتي

مرصاد ۾ 'لولاك لما خلقت الافلاك' ملي ٿو.

[مرصاد، ص 37]

www.maktabah.org

ص 35 عين القضاة

هو اصل ۾ همدان جو هو، پنجين صديءَ جي آخر ۾ ڇهين هجريءَ جي اوائل ۾ ٿي گذريو، هو سال 492/1098 ۾ پيدا ٿيو ۽ 520/1126 يعني اناويهه سالن جي عمر ۾ ڪيس موت جي سزا ڏني وئي، سندس تصنيفات ۾ 'تمهيدات' خاص طور قابل ذڪر آهي، جنهن جي شرح دڪن جي مشهور صوفي حسيني گيسودراز اٺين صديءَ ۾ لکي.

[تمهيدات عسيران عفيف، ص 14]

ص 36 لاموجود في الدارين الاهو ولاشيءَ موجود غيرالله

مرصاد ۾ جنيد جي حوالي سان هيءَ قول آهي:

ما في الوجود سوي الله جي صورت ۾ ملي ٿو.

[مرصاد، ص 306]

ص 36 الانسان سرّي وانا سرّه

صوفين جو هيءَ قول شيخ عبدالقادر جيلانيءَ جي بن تصنيفن 'فيوضات ربانيه' ۽ الهامات غوثيه يا ڪلمات قسميه ۾ ملي ٿو.

[الهامات غوثيه فارسي، اردو، ص 7، منهاج المعرت، ص 276]

ص 38 يا نور معدني

تحقيق مڪمل ٿي نه سگهي.

ص 44 رسول ڪريم ﷺ جا نالا.

ص 51 لايزال عبدي..... بها

هيءَ مشهور حديث 'رسالہ قشيريه' ۾ به ملي ٿي.

www.maktabah.org

صوفين وٽ قرب بن قسمن جو آهي، (1) قرب فرائض، (2) قرب نوافل هن جي سمجهاڻي لاءِ ڏسو [منهاج المعرفت، ص 304، رسالہ قشيريہ اردو، ص 283]

ص 134 لودنوت قيد أنملہ لاحرفت

مرصاد ۾ هيءَ حديث چار دفعا ورجايل آهي.

[مرصاد، ص 120، 184، 378، 381]

ص 138 رايت ربي في احسن صورتہ يا رايت ربي في ليلة المعراج باحسن صورة

رسالہ قشيريہ ۾ رسول الله ﷺ جو هيءُ فرمان ملي ٿو، جتي مصنف ان جي سڻي سمجهاڻي ڏني آهي.

[رسالہ قشيريہ اردو، ص 292]

ص 143 شيخ ابوالحسن نوري

رسالہ قشيريہ ۾ هن جو ذڪر ملي ٿو جتي هو چوي ٿو تہ الله تعاليٰ جڏهن دلين جو مشاهدو ڪيو تہ حضرت مُحَمَّد ﷺ جي دل کان وڌيڪ بي ڪنهن دل کان مشتاق نہ ڏٺو، انهيءَ ڪري الله تعاليٰ کيس معراج يعني ديدار ۽ گفتگو لاءِ مٿي گهرايو.

[رسالہ قشيريہ اردو، ص 136]

ص 149 يامحمد فيم يختصم الملا الاعليٰ

تحقيق مڪمل نٿي سگهي.

ص 150 لولا العتاب ما كان مع امتک الحساب

تحقيق مڪمل نٿي سگهي.

ص 150 يامحمد! اناولنت ماسويٰ ذالک خلقت لاجلک

تحقيق مڪمل نٿي سگهي.

ص 151 وانا ماسويٰ ذالک بركتها لاجلک

تحقيق مڪمل نٿي سگهي.

www.maktabah.org

ص 152 التحيات لله.....

صحيح بخاريءَ ۾ عبدالله بن مسعود جي روايت سان موجود آهي.

[صحيح بخاري جلد اول اردو، ص 203]

ص 156 السلام علينا وعليٰ

صحيح بخاريءَ ۾ عبدالله بن مسعود جي روايت مان باب تشهد في الا آخرة ۾ آهي. ليڪن اتي اها ڳالھ ظاهر نٿي ٿئي تہ اهو الله تعاليٰ ۽ رسول الله ﷺ جي درميان مڪالمو هو.

[صحيح بخاري جلد اول، اردو، ص 204]

ص 165 الفقر فخري

مرصاد ۾ آهي.

[مرصاد، ص 155، 546]

ص 174 اعوذ برضاك من سخطك

تحقيق مڪمل نٿي سگهي.

ص 178 العلماءَ ورثة الانبياءَ [مرصاد، ص 483]

ص 178 فتوحات مڪيہ

اسلامي دنيا جي مشهور صوفي شيخ اڪبر محي الدين ابن عربي (1165-1240) جي ضخيم ۽ معرڪة الآرا تصنيف جيڪا 560 بابن تي ڦهليل آهي، ابن عربيءَ جي تصنيفن جو تعداد سون ۾ آهي، سندس بي مشهور تصنيف 'فصوص الحڪم' آهي جنهن ۾ هن پنهنجي صوفي فڪر ۽ عرفان کي مختصر مگر نهايت مؤثر نموني ۾ بيان ڪري ٿو، وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو.

[بيان العارفين، ص 380]

ص 180 الشيخ في قومہ كالنبي في امتہ

www.maktabah.org

هي الفاظ مرصاد ۾ رسول الله ﷺ جي قول طور آندا آهن.

[مرصاد، ص 226]

ص 182 ابراهيم ادهم (وفات 160/777)

هو بلخ جو شهزادو هو ۽ هڪ ڏينهن جئن گهوڙي تي شڪار پويان ڊوڙي رهيو هو تہ غيبي آواز ٻڌائين، جنهن کان پوءِ هو بادشاهي ڇڏي صوفي ۽ عارف بنجي ويو، علي هجويري لکي ٿو تہ هن امام ابوحنيفہ کان گهٽو ڪجهہ پرايو هو، جيتوٽيڪ ساڻس اختلاف ۾ رکندو هو.

[كشف المحجوب فارسي، ص 158]

ص 182 انّ اوليائي تحت قبائي لايعرفهم غيري

هي قول مرصاد ۾ هڪ کان وڌيڪ پيرا ملي ٿو، ليکن اتي 'قبائي' جي بجاءِ 'قبابي' آهي جنهن جي معنيٰ قبو يا گنبذ آهي.

[مرصاد، ص 226، 242]

ص 183_184 ابدال، اخيار وغيره

ابدال اقطلب ۽ اختيار وغيره جو نظريو سڀ کان پهريائين شيخ عبدالقادر جيلانيءَ جي تحريرن ۾ نهايت زور شور مان ملي ٿو خاص طور 'فتح الربانس ۽ فتوح الغيب' ۾ ان جي گهٽي وضاحت آهي، ليکن ابن عربيءَ پڻ فتوحات مکيہ ۾ ڪيترن هنڌن تي ان تي روشني وڌي آهي. هڪ هنڌ چوي ٿو 'ماس قرية مومنة كانت او كافرة الاوفيها قطب' يعني هر وسيءَ ۾ پوءِ اها مؤمنن جي هجي يا ڪفرن جي ان ۾ هڪ قطب هوندو آهي.

[منهاج المعرفت صفحو ٻاويهون ۽ ٽيويهون]

ص 184 خواجہ منصور

www.maktabah.org

هن مان مراد حسين بن منصور حلاج آهي جنهن کي 309/922 ۾ انڪري دارتي چاڙهيو ويو جو هن کان 'اناالحق' جو نعرو بلند ٿيو هو. ليڪن انهيءَ نعري سبب هو صوفي ادب ۾ حق ۽ سچ جي علامت بنجي ويو. سندس تصنيفات ۾ ڪجهه شاعري ۽ هڪ ننڍو رسالو 'طواسين' شامل آهن.

مرصاد ۾ سندس ڪيترا دفعا ذڪر ملي ٿو هڪ هنڌ سندس مشهور شعر به ڏنل آهي.

اقتلوني يا ثقاتي ان في قتل حياتي
و حياتي في ممتا ومماتي في حياتي

معنيٰ: مون کي قتل ڪريو، اي منهنجا دوستو، بيشڪ منهنجي قتل ۾ منهنجي حياتي آهي ۽ سندم موت ۾ حياتي آهي ۽ حياتيءَ ۾ موت آهي. حلاج جا اهي اشعار پوري صوفي فڪر ۾ حق سچ جي ثابتي ليڪجن ٿا. مولانا رومي پڻ مثنويءَ ۾ اهي اشعار به دفعا تضمين ڪري آندا آهن.

[مرصاد، ص 223، مثنوي رومي دفتر پهريون ۽ ٽيون صفحا 170 ۽ 461]

ص 190 رسالہ قشيريہ

رسالہ قشيريہ جو مصنف ابوالقاسم عبدالڪريم بن هوازن القشيري (ولادت 376، وفات 465) آهي، هن جا وڏا عرب کان هجرت ڪري خراسان ۾ آيا جتي هو 'استو' شهر ۾ پيدا ٿيو، هو ابوعلي و قلق جو شاگرد هو ۽ نيشاپور ۾ وٽس تحصيل علم ڪيائين. هو ڪيترن ڪتابن جو مصنف آهي، رسالہ قشيريہ جو سال تصنيف 438/1046 آهي، هتي ڏنل حوالو رسالہ قشيريہ جي باب 'ڪرامات الاوليا' مان ورتل آهي. ليڪن جڏهن اسان اصل عربي عبارت سان مقابلو ڪيو تہ ٻنهي ۾ فرق آهي، البت شروع ۾ الفاظ ساڳيا آهن. رسالہ قشيريہ ۾ اصل عبارت هن ريت آهي:

فان قيل: فما معني الولي؟

www.maktabah.org

قيل: يحتمل امريد، احدهما: ان يكون فعيلاً مبالغة من الفاعل، كالعليم، والقدير وغيره. فيكون معناه: من توالت طاعته من غير تخلل معصيه.

و يجوزان يكون فعيلاً بمعني مفعول، كتقيل بمعني مقتول، و جريح بمعني مجروح، وهوالذي يتولي الحق- سبحانه. حفظه وحراسته علي الادامة والتوالي، فلايخلق له الخذلان الذي هو قدرة العصيان، وانما يدير توفيقه الذي هو قدرة الطاعة، قال الله تعاليٰ: وهو يتولي الصالحين. (الاعراف: 196)

[رسالہ قاسيريہ عربي تحقيق الدكتور عدد الحليم محمود، ص 587]

ص 192 من اهان ولي فقد بارزلي بالمحاربة

رسالہ قشيريہ ہر اها حديث قدسي انس بن مالک جي روايت سان آيل آهي ۽ ان جا الفاظ هن ريت آهن:

من اهان لي ولياً فقد بارزني بالمحاربة

ان کان پوءِ بي وڌيڪ عبارت پڻ آهي جنهن ہر قرب نوافل واري حديث جا باقي الفاظ اچن ٿا.

[رسالہ قشيريہ عربي، ص 534]

ص 195 هؤلاءِ عتقاء الله من النار

مرصاد ہر هن کي حديث طور بيان ڪيو ويو آهي.

[مرصاد، ص 389]

ص 196 الدينا مزرعة الآخرة

مرصاد ہر هيءَ حديث چار دفعا آيل آهي.

[مرصاد 64، 109، 399، 514]

ص 197 حب الوطن من الايمان

[مرصاد، ص 60]

ص 200 المرءُ مع من احب

www.maktabah.org

مرصاد ۾ هيءَ حديث ٿي دفعا آيل آهي ۽ كشف المحجوب ۾ هڪ دفعو ملي ٿي.

[مرصاد، ص 347، 368، 508، كشف المحجوب 457]

ص 201 ۽ 202 الشيخ في قومه كالنبي في امته

مرصاد ۾ هيءَ حديث كيترا دفعا آيل آهي، كشف المحجوب ۾ به ميل ٿي.

[مرصاد، ص 160، 266، كشف المحجوب، ص 75]

ص 205 لولا الصالحون لهلك الطالحون

تحقيق مكمل نٿي سگهي.

ص 4206 ربّ اشعث اغبرذي طمرين لايؤبه له لواقسم علي الله لابرّه

هيءَ حديث مرصاد ۾ ملي ٿي ته رسالہ قشيريہ ۾ به آهي، ان كانسواءِ كشف المحجوب ۾ به ملي ٿي.

[مرصاد، ص 224، رسالہ قشيريہ عربي، 595، كشف المحجوب فارسي 318]

ص 208 لاترغب في شيءٍ..... بوجهك

ابراهيم ادهم جو هيءَ قول علي هجويري كشف المحجوب ۾ ملي ٿو.

[كشف المحجوب فارسي، ص 326]

ص 208 الولي (هو) الصابر تحت الامرو النهي

هيءَ بايزيد بسطاميءَ جو قول آهي.

[كشف المحجوب فارسي، ص 326]

ص 208 الولي (هو) الفاني في حاله..... قرار

www.maktabah.org

نوحاني جي بجاءِ جوزجاني پڑهڻ گهرجي، ۽ اهو قول كشف المحجوب ۾ آهي جتي 'خيارولارجع اليٰ غيرالله' جي بجاءِ 'اخبارولا مع غيرالله قرار' جا لفظ ملن ٿا.

[كشف المحجوب فارسي، ص 324]

ص 208 الولي قديكون مشهوراً ولايكون مفتوناً

[كشف المحجوب فارسي، ص 325]

ص 209 الولي قديكون مستوراً ولايكون مشهوراً

[كشف المحجوب فارسي، ص 325]

ص 216 بادشاهي ۽ حكم هلائيندڙ جو بيان

هن باب جو عنوان 'مرصاد' جي باب پنجين جي فصل اول سان بلكل موافق آهي، اهوئي سبب آهي جو اڳتي ايندڙ قرآن جون آيتون، حديثون ۽ ٻيا اقوال به گهٽي ياگي 'مرصاد' تان ورتل آهن.

يا داؤد انا جعلناك خليفةً..... تتبع الهويٰ

اها ساڳي آيت مرصاد جي فصل اول جي شروعات ۾ آهي.

السلطان ظل الله في الارض يآوي اليه كل مظلوم

اهو ساڳيو فرمان 'مرصاد' ۾ متين آيت كان پوءِ اچي ٿو.

[مرصاد، ص 411]

ص 216 بادشاهه بن قسمن جا آهن

(1) دنياوي حكمران (2) ديني حكمران

مرصاد ۾ به اهي ٻئي قسم ڄاڻايل آهن.

[مرصاد، ص 412]

ص 217 من عرف نفسه فقد عرف ربه

[مرصاد، ص 413]

ص 217 والله يؤتي ملكه من يشاءُ

قرآن جي هيءَ آيت مرصاد ۾ به آيل آهي.

www.maktabah.org

[مرصاد، ص 413]

ص 217 واذا رائب ثمّ رايت نعيماً و ملكاً كبيراً

[مرصاد، ص 413]

ص ان لله ملوكاً تحت اطمار

[مرصاد، ص 413]

ص 218 انّ لنا لآخرة والاولىٰ

[مرصاد، ص 414]

ص 218 ياداؤ انا جعلنا خليفة في الارض

[مرصاد، ص 414]

ص 218 تؤتي الملک من تشاءُ و تنزع الملک من تشاءَ

[مرصاد، ص 414]

ص 219 فاحكم بين الناس

[مرصاد، ص 415]

ص 219 ولا تتبع الهويٰ

[مرصاد، ص 415]

هيستائن بادشاهه لاءِ جن ستن ضروري ڳالهين جو ذڪر ڪيو ويو آهي، اهي جيئن جو تيئن مرصاد مان ورتل آهن.

ص 219 ائراليت من اتخذ الـٰـهه هواه

[مرصاد، ص 416]

ص 220 ماعبدالهٰ ابغض علي الله من الهويٰ

[مرصاد، ص 416]

ص 220 ونهي النفس عن الهويٰ

[مرصاد، ص 416]

ص 220 ان الذين يُضلون.....يوم الحساب

[مرصاد، ص 416]

www.maktabah.org

ص 221 نسوالله فنسيهم

[مرصاد، ص 416]

ص 221 توازي عمل الثقلين

مڪمل حديث جا الفاظ ڪجهہ وڌيڪ آهن جيڪي هن ريت آهن:

جذبة من جذبات الرحمٰن توازي عمل الثقلين

[مرصاد، 212، 225، 369، 511]

ص 222 الطان ظل الله

[مرصاد، ص 429]

ص 222 يآوري اليہ كل مظلوم

[مرصاد، ص 429]

ص 222 ان الله يامر بالعدل والاحسان

[مرصاد، 432]

ص 225 الا لعنة الله علي الظالمين

[مرصاد، 431]

ص 226 اني جاعل في الارض خليفہ

[مرصاد، 430]

ص 227 بادشاهہ جون ٽي خصلتون:

هي ٽئي خصلتون مرصاد تان نقل ٿيل آهن.

[مرصاد، ص 432]

ص 229 الصلوٰة وما ملكت ايمانكم

[مرصاد، ص 436]

ص 229 العدلموالملک تؤمان

[مرصاد، ص 436]

ص 230 من سنّ في الاسلام..... شيءٌ

www.maktabah.org

مرصاد ۾ هيءَ عبارت ڪجهه مختلف آهي.

[مرصاد، ص 437]

ص 232 امرت ان اقاتل الناس حتيٰ يقولوا الله الا الله

[مرصاد، ص 334]

ص 233 ڪلڪم راع وڪلڪم مسئول عن رعيته

مرصاد ۾ ڪجهه وڌيڪ الفاظ به آهن.

[مرصاد، ص 439]

ص 235 الناس عليٰ دين ملوڪهم

